شازيہ پتافي

# ڪتڻ-هڪ پيار پريو پورهيو


## *Abstract*

**Spinning - A labour of love**

*Millions of years ago, people used to do all kinds of works by their own hands. When we go through history, we find that machines are quite recent invention. People used to make fiber/ thread and then clothes by their hands to cover their bodies. This art is known as "Spinning". Spinning is a labour of love. Therefore our great poets and pious saints have always appreciated this effort of human beings and conveyed message of hard work through it. Poets of the sub-continent have also expressed the philosophy of mysticism by spinning wheel.*

*Shah Abdul Latif Bhitai gave the message of hard work and avoidance of laziness in his chapter on Spinner or "Sur Kapaeti", which is the focus of his research paper.*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**چوڻي** آهي تہ، ”ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي“ يعني انسان پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ڪو رستو يا ذريعو ڳولي لهندو آهي. هو هر وقت بهتر کان بهتر جي ڳولا ۾ رهي ٿو، پنهنجي زندگيءَ کي وڌيڪ سولو ۽ سهڻو بنائڻ چاهي ٿو، اها ڪوشش ئي سندس ترقيءَ جو سبب بنجي ٿي.

سردي ۽ گرميءَ کان بچڻ لاءِ انسان پنهنجي جسم کي ڪڏهن پَنن ۽ وَلين ذريعي تہ ڪڏهن جانورن جي کَلَ ذريعي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪئي. گهڻو پوءِ ڪپڙو وجود ۾ آيو، جيڪو اڄ بہ انسان جي ضرورت ۽ زينت آهي. ڊاڪٽر شمس سومرو لکي ٿو:

”انسان جي فضيلت ۽ رتبو اڄ بہ ڪپڙي جي وَرن ۾ لِڪل آهي، جيڪو ڪنهن کي پورهيت ۽ غريب ۽ ڪنهن کي تونگر ۽ بادشاهہ ظاهر ڪري ٿو. انهيءَ مان سمجهي سگهجي ٿو تہ هڪ سنهي تند ڪتيندڙ ڪاپائتيءَ جي ڪمزور هٿن انسان جي ڪيڏي وڏي سماجي رتبي جي تعمير ڪئي آهي، جيڪو هزارين ورهين کان تهذيب، تاريخ ۽ سماجيت تي بنا ڪنهن ڦيرڦار جي حاوي آهي.“(1)

سنڌ ۾ ڪتڻ جو رواج تمام گهڻو آڳاٽو آهي، موهن جي دڙي مان ڪپڙي جي ٽڪر ۽ چرخي جو ملڻ ان جو ثبوت آهي. ڪتڻ پيار پريو پورهيو آهي. اُها هر شيءِ جنهن ۾ انسان جي محنت ۽ محبت شامل آهي، اها عظيم آهي. پورهيي جي تمام گهڻي اهميت آهي، الله سائين پورهيت کي پنهنجو دوست سڏيو آهي، انسان محنت ذريعي ئي مان حاصل ڪري ٿو. ڪنهن تي بوجھ هجڻ يا ڪنهن کي سوال ڪرڻ سان سندس عزتِ نفس (Self esteem) مجروح ٿئي ٿي. حضرت ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو ته:

"ماڻهو لاءِ ڀلو آهي ته ڪاٺيون ڪري، پٺيءَ تي ڪٽي (وڪٽي) گذر ڪري، ان کان جو هو ماڻهن کان سوال ڪري پوءِ ڪو ڏئيس ته ڪو نه ڏئيس." (بخاري) (2)

عظيم شاعر عام شين ذريعي خاص پيغام ڏيندا آهن. سندن شاعريءَ ۾ اهڙيون تمثيلون هونديون آهن، جن جو واسطو سندن معاشري سان هوندو آهي ۽ جن کي هر هڪ ماڻهو سمجهي سگهندو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ سندن ڏٺل وائٺل شين جو ذڪر هوندو آهي. شاعرن ڪاپائتين ۽ ڪتڻ جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي ان ذريعي کي ياد رکڻ جهڙيون هدايتون ڪيون آهن، جن تي جيڪڏهن اسان عمل ڪريون ته پنهنجي زندگيءَ کي سنواري سگهون ٿا. سنڌي شاعريءَ جي محفوظ ذخيري ۾ اسان کي سڀ کان پهريائين ڪاپائتين جو ذڪر پير صدرالدين جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو، جيڪو سَمن جي دؤر جو شاعر آهي.

ڪاپائتين ڪتيو، جڏهن سُتو لوڪ

پير صدرالدين جي شروع ڪيل اِها روايت شاهه لطيف وٽ عروج تي پهچي ٿي. شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪاپائتين تي سڄو سُر چئي سندن پورهيي کي مان ڏنو آهي. ڪاپائتي وڏي معنيٰ وارو هڪ ننڍڙو سُر آهي، جنهن ۾ صرف هڪڙو داستان آهي، ان کانسواءِ شاهه صاحب جي رسالي جي ٻين سُرن ۾ به آتڻ، چرخي ۽ ڪتڻ جو ذڪر ملي ٿو. شاهه سائين سُر حسينيءَ ۾ سسئيءَ جي زباني چوي ٿو:

آتڻ چونم ڪتُ، تاڻيان تند نه نڪري،
پاڻا روئي رتُ، چَرخو مون چِڪ ڪِئو.

پَهي ڪا مَر پچاءِ، اَمڻ مُهجي آسري،
ڏيئي لت چرخي کي، پوڻيون پاٽي پاءِ،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪتيم جَهين لاءِ، سو ڪوهيارو ڪيچ وئو.

(گربخشاڻي، شاهه جو رسالو)

سسئيءَ کي جڏهن پنهونءَ سان عشق ٿئي ٿو تہ ڪائنس ڪتڻ ڇڏائجي وڃي ٿو، پوءِ هن جي منزل پنهون آهي، جنهن تائين پهچڻ لاءِ هوءَ ٻيو سڀڪجهه ڇڏي ڏئي ٿي.

”ڪتڻ“ جو اهڙو ئي ذڪر اسان کي پنجابيءَ جي صوفي شاعر شاهه حسين جي شاعريءَ ۾ بہ ملي ٿو. شاهه حسين چوي ٿو:

وو يار!

جِنهان نُون عشق، تِنهان نُون ڪتَڻ ڪيا!

اَلبيي ڪيون ڪتي؟

لگا عشق، چُڪي مصلاحت، وسريان پنجي ستي،

گهائل مائل پهري ديواني، چرخي تَند نہ گهتي،

ڪهي حُسين فقير نمانا: نين سائين نال رتي.

شاهه حسين چرخي ذريعي وحدت الوجود جو نُڪتو بہ ڏاڍي خوبصورتيءَ سان سمجهايو آهي. وحدت الوجود مطابق هر شيءِ الله سائينءَ جي هستيءَ جي موجودگيءَ جو اظهار ڪري ٿي، وڻ ٽڻ ۾ اها ئي وائي آهي تہ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، هر هنڌ اُها هڪ ئي هستي وَسي ٿي، شاهه حسين چوي ٿو:

گهم چرکهڙيا! تيري ڪتڻ والي جيوي!

چرخا بولي ”سائين سائين“، بائڙ بولي ”تُون“

ڪهي حسين فقير سائين دا، مَين ناهين سڀ تُون.

شاهه لطيف سُر ڪاپائتيءَ ۾ جتي سنڌ ۾ ڪپڙي اُٽڻ جي تاريخ ۽ ان هنر جي موجودگي بيان ڪري ٿو، اتي پنهنجي وقت کي سجايو ڪرڻ لاءِ بہ ان ۾ وڏو پيغام ڏئي ٿو.

”ڪاپائتي محنت ۽ مشقت جو هڪ Symbol آهي. شاهه صاحب ڪاپائتيءَ جي ڪردار جي اوٽ ۾ انسان کي پيار پرئي پورهئي جو سبق ڏيڻ چاهي ٿو.“(3)

ڊاڪٽر فهميده حسين سُر ڪاپائتي متعلق لکي ٿي:

”شاهه صاحب سُر ڪاپائتيءَ ۾ پورهيت عورتن جو محنت ۽ محبت سان ڪپاهه مان سُٽ ڪتڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جيستائين سگهہ آهي تيستائين حرڪت ۾ رهڻ جو ۽ دل سان ڪم ڪرڻ جو ذڪر آهي. سنڌ جي سماج ۾ ويجهي ماضيءَ ۾ بہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عورتون اسر جو اٿي آٽڻ ۾ اچي ويهي سٽ ڪتڻ، ان جا ڦورا ٺاهڻ. اڏا اٽڻ ۽ چرخو هلائڻ جو ڪم ڪنديون هيون. لڳي ٿو ته شاهه صاحب انهن جي پورهيي کي ڏاڍي ڏيان سان ڏٺو آهي. هن کي خبر هئي ته اهي ڪتڻ واريون انهيءَ آٽڻ ۾ ويهي ڪچهريون به ڪنديون هيون، گهرن جا ۽ وَرن جا معاملا به نبيرينديون هيون ته راز ۽ نياز جون ڳالهيون به ڪنديون هيون.“(4)

ڪاڪو پيرومل شاهه سائينءَ جي مشاهدي کي داد ڏيندي سُر ڪاپائتيءَ بابت لکي ٿو:

”گهر ۾ ائٽ هلندو ڏٺو اٿس ته ان بابت سڄو سُر ڪاپائتي چيو اٿس، جنهن ۾ ائٽ سان لاڳاپو رکندڙ لفظ ۽ نهايت عمدا اصطلاح ڪم آڻي، سچيءَ محبت سان پنهنجي چِت اندر چرخي چورڻ جو تاڪيد ڪيو اٿس. انهيءَ سُر ۾ پنهنجي وقت جي حقيقت به ڄاڻائي اٿس ته ڪيئن اڳي زالون ڀيٽي مٽڻ لاءِ صَرافن وٽ ويندڀون هيون ۽ ڪيئن صَراف هَر هڪ ڦورو ڦولهي ڪتيل سٽ مان عيب ڪڍندا هوا.“(5)

صَراف عيب ڪڍي ته پشيمان ٿيڻو پوندو، اهڙي شرمندگيءَ کان بچڻ لاءِ شاهه صاحب صلاح ڏئي ٿو ته جيتوڻيڪ تون ڪتڻ ڄاڻين ٿي، تڏهن به اڪيلو نه ڪت، ڀين سان گڏجي ڪت يا ڀين کان رهنمائي وٺ ته جيئن تنهنجي ڪم ۾ ڪا به ڪَمي نه رهجي:

تونٽي تون ڪاتار، جِمَ هيڪلي پيرئين،
ڏِني ڪا ڏئار، صَراف اِنهين سُٽَ ۾.
(آڏواٽي، شاهه جو رسالو)

مشوري ڪرڻ ۽ رهنمائيءَ جي اسانجي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ وڏي اهميت آهي، ان سان انسان غلطين کان بچي وڃي ٿو. سُر ڪاپائتيءَ جو خاص پيغام سستي ڇڏي، محنت ڪرڻ جو آهي، ڇاڪاڻ ته انسان محنت ذريعي ئي مان حاصل ڪري ٿو:

ڪتڻ جي ڪانه ڪَرين، سُتي ساهين هَڏُ،
جِت سرتيون ڪندءِ سڏُ، اُتِ سڪنديئءَ سينگار کي.
(آڏواٽي، شاهه جو رسالو)

جيڪڏهن سستي ڪري وقت وڃائبو ته ڪير به ڀيو، پوءِ اهو ڪيترو ئي پنهنجو ڇو نه هجي، ڪيتريون مهربانيون ڪندو!؟ شاهه صاحب نهايت پنهنجائپ سان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سمجهائيندي چوي ٿو ته، اي سادي/اڻڄاڻ عورت توسان تنهنجو ڪانڌ ڪيتريون ڀلايون ڪندو!؟ تون ته نه ڪلهه ڪتيو ۽ نه وري اڄ ڪتڻ جي ڪرين ٿي:

اڄ پڻ اُجهڻ ڪي مَرين، نڪي ڪتءِ ڪال،
پوري! توسين پالَ، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا.

سي تو ويهي وِڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
اَرٽ اوڏي نه ٿئين، پوري! پوري سيئن،
ڪَنڌ ڪٽنديءَ ڪيئن، اڱڻ عجيبن جي؟
(آڏواڻي، شاهه جو رسالو)

سليم ميمڻ صاحب لکي ٿو:

”سُرڪاپائتيءَ ۾ به شاهه اسان کي پيغمبرانه انداز ۾ سنڌ جي پورهيت، ڪاپائتيءَ سان ڳالهيون ڪندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ان کي چوي ٿو ته سُکي ۽ مان واري زندگي گذارڻي اٿئي ته هنن ڳالهين کان پاسو ڪر ۽ هنن ڳالهين تي عمل ڪر، جي انهن هدايتن تي عمل ڪندينءَ ته جڏهن وڏو ڏينهن ”عيد“ جو ايندو ته سرتين جي ساٿ ۾ سهڻي ۽ سرس ڏسڻ ۾ ايندينءَ.“(6)

شاهه صاحب پورهيت جي هٿن کي سون جهڙو چوي ٿو:

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهه نه ڪتين رَڏ؟
ويهي ڪنڌ، ڪاپو ڪر، گهتون گوهيون ڇڏ،
ته صَرافاڻي سڏ، مَرڪيو هوند مٽائيين.
(آڏواڻي، شاهه جو رسالو)

شاهه سائين انساني نفسيات جو تمام وڏو ڄاڻو هيو، ڪيس خبر هئي ته انسان پنهنجي سستي ۽ ڪاهليءَ کي لڪائڻ لاءِ ڪونه ڪو بهانو ٺاهي وٺندو آهي. بهانا ته ختم ٿيڻ جا ناهن، پوءِ واندو ويهڻ سندس عادت بنجي ويندي آهي، واندڪائيءَ کي شاهه صاحب بُري بيڪاري چوي ٿو ۽ هدايت ڪري ٿو ته:

پڳو ئي پير، جانسين رَتو راسِ ٿِئي،
بُري بيڪاريءَ سين، هاري! پاڻ مَر هير،
ڪت، ڪتينديون ڪير، نئين سين نه ڄاڻجي.
(آڏواڻي، شاهه جو رسالو)


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهہ سائين چوي ٿو تہ، جيڪڏهن چرخو پڇي پئي تڏهن بہ پنهنجو ڪم جاري رک، جيستائين نئون نهي تيار ٿئي. زندگيءَ جو ڪو ڀروسو ناهي، جيڪي ڪرڻو آهي سو ڪري وٺو، نئين چرخي سان ڪنهن کي ڪتڻ نصيب ٿئي اهو ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي. جيڪي محنت جي عظمت کي سڃاڻن ۽ سمجهن ٿا، اُهي پنهنجو وقت ضايع نہ ٿا ڪن، نہ ئي انهن لاءِ ڪو بہ سبب رڪاوٽ بڻجي ٿو:

جان ڪَتين تان ڪت، هيءَ هَڏِ وِهاڻي،
ڪاپائتي سيڪا، ڪَتي سيباڻي،
ڄاتو جن ڄاڻِي، تِن هٿان پَهي نہ ڇڏي.
(شاهواڻي، شاهہ جو رسالو)

سُر ڪاپائتيءَ ۾ شاهہ سائين اسان کي سستي ڇڏڻ ۽ پيار سان پورهيو ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، جيڪڏهن انسان ڪي سُرخرو ٿيڻو آهي تہ ڪيس پاڻ وهيڻو (Self dependent) ٿيڻو پوندو، ٻي صورت ۾ ڪيس شرمندگيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو. انسان پورهيو ڪري تہ پيار سان، محنت ڪري تہ محبت سان! چاڪاڻ تہ:

محبت پائي من ۾، رَنديا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.

## حوالا


1. سنڌي، حميد (مرتب)، "سُر ڪاپائتي"، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ/ حيدرآباد، 1991ع، ص: 121.
2. سومرو، مولانا محمد قاسم، "نبوي نصيحتون" روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2004ع، ص: 68.
3. سنڌي، حميد (مرتب)، "سُر ڪاپائتي، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ/ حيدرآباد، 1991ع، ص: 141.
4. فهميده حسين، ڊاڪٽر، "شاهہ جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ"، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ/حيدرآباد، 1993ع، ص: 436.
5. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "لطيفي سئر"، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ/ حيدرآباد،، 1989ع، ص: 9.
6. سنڌي، حميد (مرتب)، "سُر ڪاپائتي"، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ/ حيدرآباد، 1991ع، ص: 173.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair